# قلم تازو ـ جي پُڇڙا سي نہ منجهڙا

November 9, 2007 at 11:57 pm | In Autobiographical, Education, Folklore, Poetry, Sindhi, animals, سنڌي |

(ڦريل رنگ وارن سٽن تي ٽرڪَ هڻي ويب ڪڙيءَ تي وڃي سگهندئو)

## ڀڙاڏو سوسڏُ ڏسُ ـ

ٻُلهڻِين بابت سنڌي شعر ڏسڻ آيُم. (ڀهوُن معنا وڏي انداز سان، نمونن سان)

ڀهوُن گهمن ٻُلهڻيون ساڻ تنين سير (حفيظ)

جيئين ڳالهہ پي ڪيم، ٻُلهڻين کي ڏِسڻ ڪُڏڻ ۾ سير ڪرڻ جو گهڻو شونق هوُندو آهي: جيڪا ڳالهہ ڏسندي شعر سائين حفيظ جي دل ۾ آيو هوُندو جنهن جي ٽُڪَ متي ڏنلَ آهي. حفيظ ۾ سندس شاعري بابت ڪا ڄاڻ نٿم، ڪو ڀڙهندڙ سڄاڻين، تہ ٽِن بابت لکندا: جي اِهو شعر اڳتي وڌيڪ اچين تہ لکي ٻڌائيندا. متين ٽُڪَ (شعر جي سِٽ) جامع سنڌي لُغتَ ۾ ڏنم. جي ڪنهن صاحبَ يا صاحباڻيءَ کي ٻُلهڻين بابت ٻين سنڌي شعرن يا سنڌي لوڪ آکاڻين جي ڄاڻ هجي تہ ٻڌائيندا.

آمريڪا سميت گهڻن ئي ملڪن ۾ ٻلهڻين جي شڪارَ تي پابندي لڳائي ويئي آهي. افسوس تہ جپان ۾ اڄُ بہ ساموندي ٻُلهڻين جو شڪار ٿئي. انهيءَ ڳالهہ کي گهڻا ماڻهوُن هاڻ واهِيتو (جهنگلي، بي رحمي) سمجهندا آهن. تنهن ڪري هر سال اعتراض ونندڙ جپان وجي مُظاهرا ڪندا آهن تہ جئن ماڻهن ۾ احساسُ وڌي. هينين وڊيو اهڙن اعتراض ونندڙن جو هِڪُ تازو ڏرڙو تي ڏيکاري

http://video.nationalgeographic.com/video/player/news/animals-news/japan-dolphins-apvin.html

## ڏسُ ـ آمريڪا وڃڻَ جي ٽِڪَسَ

سائين فرهان شيخُ لکن ٿا تہ شاه ڪريم بلڙي واري جو بيت هِن ريتِ آهي

جي پُڇٽا سي نہ منجهٽا، جي پڇن سي وِيرَ،
جو لَڳڻُ ۾ ماڙُوهِين ، سو ڪُلَڳڻُ ۾ ڪير

لَڳڻُ جوُن بہ معنائون مِلن ٿيوُن ـــ هڪ پرکڻ، ڏسڻ وائسڻ، جانچڻ؛ ٻيو عادت، ارڪان، خصلت. لغت موُجب مراد ٻي معنا آهي. ڪُ لفظن اڳيان گڏبو آ ۽ن مان هڪ معنا ڏيڻ لاءِ ـــ هڪ بڇڙو، ردي، ناچڱو (جِئن ڪُسَنگُ)؛ ٻيو ٻي، ٻِنا، ڪانسواءِ. ڪلُڳڻ معنا ڪُلَڇڻُ يا جيڪو ٻي لڇڻو هجي. ڪير تي آوازي نشان ناهي ڏنل، پرَ پانيان ٿو تہ بيتَ جي ٽُڪبنديِ موُجب اِهو ڪِيرَ هجڻ گهرجي، جنهن جي معنا مبارڪ (ڏيڻ)، واڌائي (جنهن لفظ جو جمع ڪيروُن آهي). سو بيتَ معنا (عام) ماڻهن ۾جِن ماڻهن ڪي اِها خصلت آهي، سي جڻ ٻي لڇڻن ۾ واڌائيءَ لائق ٿيا.

اِها ٿي منهنجي سمجھ بيتُ پڙهيِ، پرَ ياد رکجي مان سنڌي ٻولي نکو سنڌي شاعري ماهِرُ آهيان، جيون وِگياني ۾ ڪاٽيو ٿمِ. سو تنهن سمجھ سان بيتَ جي پهرين ٽُڪَ جي معنا اکر بہ اکر موتي لعل جوتواڻيءَ ترجموڪنديِ ڏِني. ٻيءَ ٽُڪَ جوترجموتمثيلِي ٿولڳيمُ. اڳتي اديبن ڪي وڏيڪ جاڻ هوُندي.. هيءَ سَميِوَ بہ آهي، متان سائين جوتواڻيءَ ڪِيرَ بدران ڪِيرُ لفظ سمجهيو هُجي. اهڙن ڳالهين ڪري سنڌيءَ لاءِ سنڌي عربي لپيءَ جي ڪوتاهيءَ جي اَنيِوء اٿمِ چو تہ لپيِ زيرُن زبرن هٽڻ تي زور نہ ٿي ڏي؛ هٽان اِنهن ڪي قلمَ سان لکڻ لاءِ وڌيڪَ گهڪا ڳپن جنهن ڪري ماڻهون عام تور لکڻ ڇڏي ٿا ڏين.

(لپين بابت ڏسندا منهنجو بلاگُ ظ ظالم، ز زالَ تہ پوءِ ذ ڇالاءِ )

بيتَ تان ڳالهِ ياد تي اچيمِ... جڏهن آمريڪا ڪاليجَ پُڳُمِ تہ ڳٽت گياني متن اَپاري ڪٽَ ("ڪيلڪيوُلسَ") جي ڪِلاسن جو سنو ڏکيو سِلسِلو ڪٽٽو پيم. وگياني ۽ انجنري متنن لاءِ اَپارِي

ڪٽ ماهري لازم آهي. اَپاري ڪٽ پاڙهيندڙ وڏو مشهورُ پروفيسر ڊين نالي هيو. آئي ڪي هفتا ٿيا هوُندا، پروفيسر ڊينَ ڪنهن بي پروفيسرَ کي منهنجي نالي چيو تہ هيءُ ڇوڪرو ڏاڍو هوشيار آهي. مان بہ پاسي ۾ بيٺو هومِ. چيومانسِ،" سائين! هتي تہ سڀ ڇوڪرا ڏاڍا هوشيار آهنِ." (جنهن يونيورسٽيءَ ۾ مان بيچلرَ لاءِ ويُو هوسِ سا آمريڪا جي ڏُکي ۾ ڏُکي يونيورسٽي ليکبي آهي). چيائين "مسئلا سَلڻ ۾ سڀِ هوشيار آهنِ، پر ڏنل مسئلا توڙي ڏکيا هُجن، سي سلڻ سولو آهي، چڱا سوال سوچڻُ ڏُکيو. چڱا سوال پُڇَڻ وارا ڪي ڪي هوندا آهن ۽ سي ٻين ڪان گهڻو اڳتي ويندا. تنهنجا سوالَ اوُنهي سمجهہ ڏيکاريندڙ هوُندا آهن." اِنهيءَ ڳالهہ مانکي تڏهن ايتري تَپرَسَ ۾ وڌو جوسا ڳالهہ اجا ياد بيٺي اٿم: تنهن اڳُ سوچيو هوم تہ ڏکيا مسئلا سَلڻ وڏي هوشياري جي نشاني آهي. هاڻ هِنَ وڏي پروفيسرَ جو چوڻ هو تہ اوُناهيون کوٽيندڙ سوال سوچڻ تنهنکان اجا ڏکيو. تنهن ڳالهہ کي ٿيٽيهہ ورهيہ ٿيا. اڄُ پنهنجن شاگردن ۾ اِها خاصيت ڏسڻ جي ڪندو آهيان: بيشڪ تنهن تجربي ڪار پروفيسر جي ڳالهہ منهنجن پنهنجن تجربن سان بہ ملي ٿي ۽ تنهن ڪري پڪ سان سچُ لڳيم.

خيرُ. "**جي پُڇِنا سي نہ منجهنا** " اڄُ بہ مشهور سنڌي پهاڪو آهي. سوچيُم پي تہ الاجي هيءِ سورهين صديءَ ڪان اڳُ بہ چوٽي هئي جيڪا بلڙيءَ واري شاهہ سائينءَ ڪتب آندي: يا وري اها چوٽي شاہ بلڙيءَ واري سائين جي بيت مان نِڪتي. ڪو سورهِين صدي ڪان اڳ جي ڪتاب اهڙي ملي جنهن مان اِها سُڌَ پوي!

شاہ ڪريم بلڙيءَ واري بابت ٿوري لڱ هيٺين ويبَ ڪڙيءَ تان ڏسندا

http://www.voiceofsindh.net/sindhiadab/articals/33.htm